روزاني
سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 08 مئي 2023ع بمطابق 17 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 342

عمران خان کي سزا ملڻ سان ملڪي مسئلن جو حل نڪرندو: مريم اورنگزيب

لڳي ٿو ته پرڏيهي ايجنٽ وزيراعظم شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه سان ويڊيو ڏسي ورتي آهي

اوهان جو شر، زهر، غليظ ذهنيت معاشري ۾ عدم برداشت ۽ تشدد پيدا ڪري رهي آهي. ملڪ کي اوهان جهڙا فتنا ۽ فساد نه پرماني، روزگار ۽ ڪاروبار گهرجي

ملڪ ۾ انتهاپسندانه روين جو سبب به اوهان آهيو، اوهان جي ڪري ئي اڄ هجوم هٿان ماڻهن جو قتل ٿي رهيو آهي. ڪڍهن پارت، ڪڍهن ڪشمير، ڪڍهن اسلام آباد تي ڪرندڙ سياست ڪندا آهيو

پرڏيهي ايجنٽ انتشار جو سڏ صرف چين جي پرڏيهي وزير کي ڏسي ڏنو. سي پيڪ تي ڪم تيز ٿيندي ئي پرڏيهي ايجنٽ کي چريو ٿيڻ جو دورو پئجي ويو

پرڏيهي وزارت جو ڪامياب دورو پارت ۽ پارتي پرڏيهي وزير جي جواب کان پوءِ عمران خان مڪمل چريو ٿي ويو آهي

وزيراعظم شهباز شريف برطانوي بادشاهه سميت عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته ملڪ خلاف سازش ڪرڻ ۽ چورين ٽي عمران خان کي سزا ملڻ جو حل اهو آهي ته ملڪي مسئلن

بنيادي انساني حقن تي فيصلي جو اختيار سپريم ڪورٽ کي حاصل آهي: چيف جسٽس

پاڪستان جي هر شهري کي بنيادي حق حاصل آهن، بنيادي انساني حقن تي فيصلو ڪرڻ سپريم ڪورٽ جو حق آهي

جسٽس اي آر ڪارنيليئس بهترين خدمتون انجام ڏنيون، جسٽس اي آر ڪارنيليئس سپريم ڪورٽ کي 17 سال ڏنا آهن

جسٽس اي آر ڪارنيليئس جڏهن رٽائرڊ ٿيو ته ان جا ڪي به اثاثا نه هئا سندس زندگي ججز جي لاءِ مثال آهي

پاڪستان ۾ اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. پاڪستان جو آئين اقليتن جي حقن جو ضامن آهي

مولانا مودودي ڪيس ۾ پابندي هٽائي وئي، حڪومت يا ايگزيڪٽو آفيسر بنيادي انساني حقن جو فيصلو نٿو ڪري سگهي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ 80 هزار کان وڌيڪ حياتيون ضايع ٿي چڪيون آهن، عدالتون ايگزيڪٽو آرڊر پاس نٿيون ڪري سگهن : اقليتن کي حاصل حقن جي موضوع تي ڪانفرنس کي خطاب

لاهور (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بندديال چيو آهي ته عدالتون ايگزيڪٽو آرڈر پاس نٿيون ڪري سگهن. بنيادي انساني حقن تي فيصلي جو اختيار سپريم ڪورٽ کي حاصل آهي. پاڪستان جي هر شهري کي بنيادي حق حاصل آهن. بنيادي انساني حقن تي فيصلو ڪرڻ سپريم ڪورٽ جو حق آهي لاهور جي نجي هوٽل ۾ دستور پاڪستان ۾ اقليتن کي حاصل حقن جي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بندديال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

عمران خان متي ڪان پيرن تائين ڪوڙو ۽ دوکيباز ماڻهو آهي: وزيراعظم

عمران خان احسان فراموش، محسن ڪش ماڻهو آهي

پي ٽي آءِ جو منهنجي خلاف تيار ڪيل بيانيو ڪوڙ تي ٻڌل هو

لنڊن (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته عمران خان متي ڪان پيرن تائين ڪوڙو ۽ دوکيباز ماڻهو آهي، عمران خان جو ڪوڙ قوم آڏو ظاهر ٿي رهيو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

گهر تي حملو ڪندڙن کي معاف نه ڪندس: پرويز الاهي

ڏاڍهن نواز شريف واپس ايندو تڏهن مونس الاهي به واپس ايندو. هن وقت صرف اعليٰ عدليه ملڪ کي سنياليو آهي

پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي، جام صادق آهي. ڊپ اهو آهي ته هي ماڻهن کي اهو نه چئي ڇڏي ته ملڪ ئي ختم ٿي ويو آهي

هاڻ نواز شريف، شهباز شريف کي سموريون هدايتون ڏئي رهيو آهي، هن وقت برطانيه ۾ ويهي عدليه جي خلاف سازشون ٿي رهيون آهن

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي چيو آهي ته ڏاڍهن نواز شريف واپس ايندو. هن وقت صرف اعليٰ عدليه ملڪ کي سنياليو آهي. گهر تي حملو ڪندڙن کي معاف نه ڪندس، پاڪستان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستان ۽ افغانستان جو دهشتگردي جي خاتمي ۽ واپار بابت تعاون تي اتفاق

پرڏيهي وزير بلاول پٽو زرداري افغان پرڏيهي وزير مولوي امير خان متقي جي قيادت ۾ افغان وفد جو پرڏيهي آفيس اچڻ تي استقبال ڪيو

پرڏيهي وزير جي سربراهي ۾ وفد جي سطح تي ٽيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان طرفان پرڏيهي وزير بلاول پٽو وفد جي قيادت ڪئي

باردر مينجمينٽ ۽ سرحدن تي غيرقانوني نقل ۽ چرپر روڪڻ جي لاءِ بهتر قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ پرڏيهي وزيرن جي سطح تي ٽيندڙ ڳالهين ۾ دهشتگردي جي خاتمي، معاشي ترقي ۽ واپاري شعبي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

بلاول پٽو زرداري افغان هم منصب مولوي امير خان متقي سان هٿ ملائيندي

ڪراچي ۾ شهرين جي تشدد سبب 2 قورو مارجي ويا

قردوران شهرين تنهي قورن کي پڪڙي سخت تشدد جو نشانو بنايو

قورن کي اسپتال منتقل ڪرڻ دوران 2 قورو زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علاقتي اورنگي ٽائون ۾ شهرين جي تشدد سبب 2 قورو مارجي ويا جهن ته هڪ سخت زخمي ٿي پيو پوليس موجب جوابدار /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

پارت: نسلي وڙهڻ جي نتيجي ۾ 54 ڄڻا مارجي ويا، هزارين بي گهر

رياست ۾ ترين سروس بند هئڻ سان گڏوگڏ سومر تائين انٽرنيٽ سروسز به معطل رهندي

رياست جي گورنر سشري انوسويا پاران ڏرين جي پرامن رهڻ ۽ ڀڳالهيون ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي

وڙهڻ ان وقت شروع ٿيا جڏهن سرڪار پاران ميني برادري کي شيڊولڊ ٽرائيب جي ڪيٽيگري ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

مني پور (م ڊ) پارتي رياست مني پور ۾ نسلي وڙهڻ جي واقعن ۾ 54 ڄڻا مارجي ويا، 10 هزار ڪان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن. رياست ۾ ترين سروس بند آهي ۽ سومر تائين انٽرنيٽ سروس به معطل هوندي، ان کان سواءِ ست مئي تائين /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

مني پور: پارتي رياست مني پور ۾ ٽيل وڙهڻ دوران هڪ ٽينڪر باهه سبب سڙيل نظر ايندي

آمريڪا جي شاپنگ مال ۾ فائرنگ، 9 ڄڻا مارجي ويا

ڊيلس جي شهر ۾ پيش آيل ان واقعي ۾ شروعاتي طور تي 9 ڄڻا زخمي ٿيڻ جو ٻڌايو ويو هو

زمين ۾ پنجن ورهين جو پار به شامل آهي، شڪي جوابدار جي گاڏي جي سچاٽ ڪئي وئي آهي : پوليس

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي رياست ٽيڪساس جي شهر الين جي شاپنگ مال ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 9 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب ڊيلس جي شهر ۾ پيش آيل ان واقعي ۾ شروعاتي طور تي 9 ڄڻا زخمي ٿيڻ جو ٻڌايو ويو هو پر /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

پنجاب ۾ سي ٽي ڊي جون ڪارروايون، 11 دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي بهاولپور سميت صوبي جي مختلف علاقن ۾ ڪارروايون ڪري پابندي مڙهيل تنظيمن جي 11 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو

سي ٽي ڊي عملدارن ٻڌايو آهي ته گرفتار دهشتگردن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيمن سان آهي : ترجمان

گرفتار دهشتگردن وٽان 1390 گرام ڏماڪيدار مادو، 3 دستي بم، پابندي مڙهيل ڪتاب هٿ ڪيا ويا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) بهاولپور سميت صوبي جي مختلف علاقن ۾ ڪارروايون ڪري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

پيٽ کي گهٽا ڏئي قتل ڪري طبي موت ظاهر ڪندڙ پاءُ گرفتار

پوليس سڳي پيٽ کي قتل ڪري طبي موت ظاهر ڪندڙ پاءُ کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس جوابدار کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

راولپنڈي (م ڊ) راولپنڈي ۾ 3 هفتا اڳ گهر مان عورت جو لاش ملڻ جي واقعي جو پراب سين.

ڪوئيٽا ۾ ٿيهل ۾ پناهگاهون تباهه، انتظاميه جي لاعلمي

شيلٽرز ۾ رڪيل ڪٽون ۽ پلنگ غائب ٿي ويا : ذريعا

وفاقي حڪومت طرفان فنڊن جي بندش ان جو وڏو سبب آهي

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪوئيٽا ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي دور ۾ ٿيهل ۾ پناهگاهون تباهه ٿي ويون آهن ذريعن مرجب شيلٽرز ۾ رڪيل ڪٽون ۽ پلنگ غائب ٿي ويا جڏهن ته عملي پاڻ کي گهرن ۾ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

پيپلز پارٽي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي پولنگ جي دوري دوران فتح جو نشان ڏيکاريندي

پاڪستان ۾ تڪڙيون چونڊون ئي سمورن مسئلن جو حل آهن: عمران خان

مان ملڪ کي فلاحي رياست بنائڻ چاهيان ٿو جتي سڀني جي لاءِ هڪ جهڙو قانون هجي

حڪمران چونڊن کان ڏنل آهن ۽ هو چونڊن جو رستو روڪڻ جي لاءِ آئين کي توڙڻ جو رستو اختيار ڪري رهيا آهن

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته پاڪستان ۾ تڪڙيون چونڊون ئي سمورن مسئلن جو حل آهن. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان زمان پارڪ لاهور ۾ ڪنيڊا جي اپوزيشن پارٽي جي اڳواڻ پيٽرڪ برائٽن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: تحريڪ انصاف صدر پرويز الاهي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سعودي کي ايران دشمن قرار ڏيڻ قبول ڪرڻ جوڳو ناهي: ايراني صدر

آمريڪا ۽ ان جي حوارين شام کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي

آمريڪين داعش ۽ ٻين دهشتگردن گروهن کي جوڙڻ جو اعتراف ڪيو آهي

تهران (م ڊ) ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي ته سعودي عرب کي ايران جو دشمن يا ايران کي سعودي عرب جو دشمن قرار ڏيڻ قبول ڪرڻ جوڳو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

فيصل آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪ-افغان لاڳاپن لاءِ چين سرگرم، ڪابل نئين بلاڪ ۾ شامل

چين جي پرڏيهي وزير اسلام آباد ۾ ڪيما ڪوڙي ڇڏيا

افغانستان جو پرڏيهي وزير به اسلام آباد ۾ قيام پذير

لاهور (م ڊ) پاڪستان، هندستان ۽ افغانستان ۾ دوستاڻن لاڳاپن جي قيام لاءِ چين سرگرم ٿي ويو آهي. گروا ۾ شنگهائي سهڪاري تنظيم جي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 17

بلوچستان مان اغوا ٿيل واپاري جو پٽ جيڪب آباد مان بازياب

پوليس هڪ گهر تي چاپو هٽي مغوي فرقان سومرا کي بازياب ڪرايو ويو

يارنهن ڏينهن اڳ جعفر آباد مان مشهور واپاري آسيه محمد جي پٽ اسلر سومرا کي اغوا ڪيو ويو هو

جيڪب آباد (رپورٽر) بلوچستان جي شهر جعفرآباد مان 11 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل واپاري جو پٽ پوليس جيڪب آباد ويجهو ڪارروائي ڪندي بازياب ڪرايل ويو هو پر /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: جيئرمين پاڪستان علماء ڪائونسل حافظ طاهر محمود اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪوئيٽا ۾ ٿيهل ۾ پناهگاهون تباهه، انتظاميه جي لاعلمي

شيلٽرز ۾ رڪيل ڪٽون ۽ پلنگ غائب ٿي ويا : ذريعا

وفاقي حڪومت طرفان فنڊن جي بندش ان جو وڏو سبب آهي

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪوئيٽا ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي دور ۾ ٿيهل ۾ پناهگاهون تباهه ٿي ويون آهن ذريعن مرجب شيلٽرز ۾ رڪيل ڪٽون ۽ پلنگ غائب ٿي ويا جڏهن ته عملي پاڻ کي گهرن ۾ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

پيپلز پارٽي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي پولنگ جي دوري دوران فتح جو نشان ڏيکاريندي

لنڊن ۾ نواز شريف جي نالي تي نامعلوم ماڻهن 3 گاڏيون رجسٽرڊ ڪرائي ورتيون

لنڊن (م ڊ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) اڳواڻ نواز شريف جي نالي تي لنڊن ۾ نامعلوم ماڻهن 3 گاڏيون رجسٽرڊ ڪرائي ورتيون. نواز شريف جي لنڊن آفيس طرفان جاري ڪيل پترائي ۾ چيو ويو آهي ته ستي آف لنڊن پوليس معاملي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ هن ڪر جو مقصد ڏوهه ڪري ان جو تعلق /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 02

گهرجي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي بيان تي رد عمل ڏيندي مريم اورنگزيب چيو ته

لڳي ٿو ته پرڏيهي ايجنٽ وزيراعظم شهباز شريف جي برطانوي بادشاهه سان ويڊيو ڏسي ورتي آهي. هن چيو ته اوهان جو شر، زهر، غليظ ذهنيت /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: سڌ سماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ادارن کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش عمران خان جو حقيقي چهرو وائڪو ڪري ڇڏيو آهي : آصف زرداري

عمران خان ادارن کي بدنام ڪرڻ جي هر حد اورانگهي چڪو آهي جنهن کي هاڻي وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهجي

پرڏيهي ايجنٽ جي گڏيل ڊينهن واري تقرير بڏڻ ڪانپوءِ محب وطن سندس پٽيان هلڻ جو هاڻي سوچي به نٿا سگهن

اسان عمران خان کي اجازت نه ڏينداسين ته هو اسان جي قدرن ۽ اسان جي مُلڪي سلامتي سان هٿ چراند ڪري

پاڪ فوج جي بهادر ۽ ساڪائتن آفيسرن مٿان الزام مڙهڻ حقيقت ۾ ان اداري تي حملو آهي جنهن سان گڏ سموري مُلڪ بيٺو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته عمران خان ادارن کي بدنام ڪرڻ جي هر حد اورانگهي چڪو آهي جنهن کي هاڻي وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهجي. ٽرئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته ادارن کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش عمران خان جو حقيقي چهرو وائڪو ڪري ڇڏيو آهي. بس گهٽو ٽيم پرڏيهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04

پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري (فائيل فوٽو)

ٽي وي جو مشهور ۽ سينئر اداڪار شبير رانا لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (م ڊ) ٽي وي جو مشهور ۽ سينئر اداڪار شبير رانا ڏڪهي بيماري کان پوءِ ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. شبير رانا کي دل جي بيماري هئي ڪجهه سال اڳ سندس ٻاءِ پاس به ٽيو هو. مشهور اداڪار ڏڪهي وقت تائين ايڊورٽائيزنگ انڊسٽري سان جڙيل رهيو جڏهن ته هن بطور ڊائريڪٽر ڪيترن ئي ٽي وي ڪمرشل /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

آرمي چيف سان چين ۽ افغان پرڏيهي وزيرن جي ملاقات

جنرل سيد عاصم منير سان چيني اسٽيٽ ڪائونسلر ۽ پرڏيهي وزير چن ڪنگ ۽ افغان وقتي پرڏيهي وزير امير متقي جون ڌار ڌار ملاقاتون ٿيون

ملاقات ۾ علاقائي سلامتي ۽ دفاعي توازن سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات دوران آرمي چيف چين پاڪستان اسٽريٽجڪ لاڳاپن جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو اعادو ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير سان چيني اسٽيٽ ڪائونسلر ۽ پرڏيهي وزير چن ڪنگ ۽ افغان وقتي پرڏيهي وزير امير متقي جون ڌار ڌار ملاقاتون ٿيون. افغانستان جي صورتحال ۽ خطي ۾ امن جي لاءِ ڳالهيون /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

شاهد خاقان عباسي کي مفت آٽي جي پيڪيج ۾ ڪرپشن جا ثبوت ڏيڻ گهرجن: طارق بشير چيمه

نيشنل فوڊ سيڪيورٽي واري وزارت جي ذميواري ڪٽڪ ڏيڻ هئي اها اسان پوري ڪري ڇڏي

پولٽري فيڊ ۾ سويابين جو استعمال صحت لاءِ نقصان ڏيندڙ آهي، سويابين جي بن جهازن کي واپس اماٽيو ويو آهي

عمران خان ڪوڙو شخص آهي. عمران خان هاڻ فارغ ٿي چڪو آهي ان جو ڪوبه سياسي مستقبل نه آهي

بهاولپور (م ڊ) وفاقي وزير طارق بشير چيمه چيو آهي ته شاهد خاقان عباسي کي مفت آٽي جي پيڪيج ۾ 20 ارب روپين جي ڪرپشن جا ثبوت ڏيڻ گهرجن. مفت آٽي پيڪيج ۽ سوياڻي حڪومت جي معاملي ٿي وفاقي وزير طارق بشير چيمه چيو آهي ته نيشنل فوڊ سيڪيورٽي واري وزارت جي ذميواري ڪٽڪ ڏيڻ هئي اها اسان پوري ڪري ڇڏي. طارق بشير چيمه چيو ته پولٽري فيڊ ۾ سويابين جو استعمال صحت لاءِ نقصان ڏيندڙ آهي. سويابين جي بن جهازن کي واپس اماٽيو ويو آهي. اڄ پاڪستان ڪٽڪ ۽ ڪهه /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جي اڳواڻن جون عوام دشمن پاليسيون عوام آڏو بي نقاب ٿي چڪيون آهن : شاهد محمود شاهه

عمران خان سياسي ساک وڃائي چڪو آهي، پي ٽي آءِ چاهي ڪيتري به ڪوشش ڪري، اقتدار حاصل ڪرڻ جو خواب پورو نه ٿيندو

مسلم ليگ ن جا اڳواڻ ۽ حڪومت ۾ شامل پارٽيون معاشي بحران ۽ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن

شاهد محمود شاهه واپاري اڳواڻ مرحوم بدر رفيق قريشي جي پٽ نديم قريشي سان سندس گهروڀي تعزيت ڪئي

سکر (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر سيد شاهد محمود شاهه چيو آهي ته مسلم ليگ ن جا اڳواڻ ۽ حڪومت ۾ شامل پارٽيون معاشي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

ن ليگ سنڌ جو صدر شاهد محمود شاهه (فائيل فوٽو)

حڪومت اقتدار بچائڻ لاءِ سڄي ملڪ کي سياسي جي بني ۾ ياري پئي: شيخ رشيد

آئي ايم ايف نه ئي پاڙيسري ملڪن جي مدد آهي ملڪ جن مسئلن جي ور چڙهيل آهي

عمران خان جي عدليه سان ڪلهو ڪلهي سان هلڻ جو سڌ انتهائي ڪامياب رهيو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته حڪومت پنهنجو اقتدار بچائڻ لاءِ سڄي ملڪ کي سياسي جي بني ۾ ياري رهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

پرڏيهي وزير جي بيان کي تشدد جي خطري سان ڳنڍيڻ شرارت آهي: پرڏيهي آفيس ترجمان

پرڏيهي وزارت والاريل ڪشمير جي-20 ٽوئرزم ورڪنگ گروپ اجلاس تي پاڪستاني موقف واضح ڪري چڪي آهي

بلاول پٽو جي خيالن کي تشدد جي خطري سان جوڙڻ غير ذميوارانو آهي

هي تڪرارن کي عالمي نهرائن مطابق ڳالهه ٻولهه سان حل جي موقف تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ پرڏيهي وزير بلاول پٽو جي بيان کي تشدد جي خطري سان جوڙڻ غير ذميوارانو عمل آهي پرڏيهي آفيس ترجمان ممتاز زهره بلوچ پرڏيهي هفتيوار بريفنگ ڏيندي

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس ترجمان ممتاز زهره بلوچ پرڏيهي هفتيوار بريفنگ ڏيندي

لاڙڪاڻي پرسان معصوم نينگري سان زوري زنا ڪندڙ جوابدار کي پوليس

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) معصوم نينگري سان زوري زنا ڪندڙ جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. رٽرديرو جي هڪ ڪوٽ ۾ رحشي نوجوان، معصوم نينگري سان زيادتي ڪئي هئي. جنهن بعد فريال تالپر واقعي جو نوٽيس ورتو هو. ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. ڏاڍهن ته سنڌ جي ورمين ويلفيئر بابت صوبائي وزير سيده شهلا رضا /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

نيازي مذهب ڪارڊ استعمال ڪيو ان جا نتيجا سامهون اچن پيا: احسن اقبال

عمران نيازي ۽ ان مقامي اڳواڻن منهنجي خلاف به پرپور مذهبي ڪارڊ کيڏيو

عمران نيازي معيشت ۽ سياست ته تباهه ڪئي معاشرت به جنونيت ۽ اڻ سهپ جي ور چاڙهي ڇڏي آهي

اڄي رهيا آهن خود ان جي قبيلي ۽ مردان جو واقعو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

عمران نيازي جي نڪ جي پڪائي سان ۽ جيترو مذهب ڪارڊ استعمال ڪيو هائي ان جا نتيجا اسلام آباد (بيورو رپورٽ) رٿابندي ترقي ۽ ستارن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته

بيڪ دور کان ميئر ٽيڻ جا خواب ڏسڻ وارن جو مقدر ناڪامي آهي: وقار مهدي

ضمني بلدياتي اليڪشن جو مرحلو مڪمل ٽيڻ کانپوءِ ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو جيالو ئي ٿيندو

جماعت اسلامي جيڪڏهن پيپلز پارٽي کي ڊپٽي ميئر ٻٽائڻ جي درخواست ڪري ته پوءِ پارٽي ان تي غور ڪندي

پيپلز پارٽي کان شڪست کائيندڙ مخالف بوکلاهت جو شڪار ٿي ويا آهن: پولنگ جي دوري دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي جيو آهي ته بيڪ دور کان ميئر ٽيڻ جا خواب ڏسڻ وارن جو مقدر /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

سکر ويجهو اغوا ٿيل واپاري فرقان سومرو بازياب

پوليس جيڪب آباد جي علاقي بيگاري ۾ ڳڌيل ڪارروائي ڪئي

ڏاڙيلن سان مقابلي بعد هنن مغوي کي بازياب ڪرايو آهي : پوليس

مغوي فرقان سومري کي 11 ڏينهن بعد بازياب ڪرائي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 29

تندوالهيار ۾ نينگر نريش ڪمار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف مختلف تنظيمن جو ڌرٽو

تندوالهيار (رپورٽر) تندوالهيار بي سيڪشن ٽائي جي حد پيرڪالي استاب ويجهر ڪيلي جي باغ مان بدڪعلي بعد بي دردي سان قتل ٿيل 13 ورهين جي ڇهين ڪلاس جي شاگرد نريش رلد ريوو پيل جا قاتل 6 ڏينهن گذرڻ باوجود /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

جهڏو ۾ بدامني لاقانونيت پاڻي جي قدرتي وهڪرن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سارنگ سنڌي اميربخش جروار ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي جي اڳواڻي ۾ ريلي

سوين سنڌ ياٽين ۽ ڪارڪنن جونٿهڙ اس ۾ شهر ۾ ڏرٽو، روڊ بلاڪ حڪمرانن خلاف شديد نعريبازي

حڪومت خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن سبب شهر جورن ۽ ڏاڙيلن جي آماجگا بڻيل آهي :مظاهرين

جهڏو (ممتاز جوڻيجو) جهڏو ۾ بدامني لاقانونيت پاڻي جي قدرتي وهڪرن جي بحالي لاءِ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران اياز ڪوسو عظمت ڪلوئي سارنگ سنڌي اميربخش جروار ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهڏو: عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو رڄي

احمدپور لڳ ڳوٺ ڪاٽ ناريجا جي رهواسين جو علاقائي جي ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ ڳوٺ ڪاٽ ناريجا جي رهواسين جو علاقائي جي ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، ايس ايس پي خيرپور ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ ڪاٽ ناريجا جي رهواسين جو بلاول ناريجو، سڪندر ناريجو، بهار ناريجو، نياز ناريجو نئين جڙيو چاڄڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ علاقائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ ۾ انتظاميا ڪمداري ڪرڻ ۾ مصروف آهي، ايجا عوام پ پ پويان آهي: ظفرعلي شاهم

پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي عوام ۾ شعور پيدا ٿيو پر سنڌ جا ماڻهو اجان به پ پ پويان لڳل آهي

هتي پهچي خبر پئي ته آزاد اميدوار منظور شيدي هڪ پورهيت ٿي ڪري هڪ ميرجي سامهون بيٺو آهي

محراب پور (مجاهد علي سامتيو) ساهتي جي بزرگ سياستدان ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر سيد ظفرعلي شاهم ڇيو آهي ته سنڌ ۾ انتظاميا ڪمداري ڪرڻ ۾ مصروف آهي، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي عوام ۾ شعور پيدا ٿيو آهي پر سنڌ جا ماڻهو اجان به پيپلزپارٽي پويان لڳل آهن جتان ڪين ڪجه به ناهي ملڻو بٽايو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرن ۽ چوري واقعن خلاف شهري ٻئي ڏينهن به سراپا احتجاج

مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج مظاهرو ڪيو

حاڪم مستوئي، شهري اتحاد صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي، الله داد خشڪ، رميز تونيو جي شرڪت

مڪ روڊن تان ڦرن ۽ چوري جا واقعا روز معمول بڻجي ويا آهن پر پوليس روڪڻ ۾ ناڪام وئي آهي :اڳواڻ

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهر ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرن ۽ چوري واقعن خلاف شهري ٻئي ڏينهن به سراپا احتجاج، پوليس خلاف نعريبازي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي ٻئي ڏينهن به شهر جي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن جو شهر ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرن، چورين جي واقعن خلاف شهري اتحاد صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شهدادڪوٽ: ايس پي پي پاران وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو رڄي

کنڊرا پوليس جي سماجي برائي خلاف اهم ڪاروائي، منشيات فروش گرفتار

کنڊرا (رپورٽر) کنڊرا پوليس جي سماجي برائي خلاف اهم ڪاروائي منشيات فروش وڪي ڪمار عرف بندوق شراب جي بوتلن سميت گرفتار پوليس جي دعوا پوليس ڪيس داخل لاکب حوالي ڪري چڏير گرفتار منشيات فروش موجوده مکي جو پاڻتيو نڪتو تفصيل موجب کنڊرا پوليس ٽاره ڪنال تي سنيپ چيڪنگ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گڙهي ياسين لڳ پوليس ۽ ڏهارين ۾ مبينہ مقابلو، ڏوهاري شديد زخمي حالت ۾ گرفتار

شڪارپور لاڙڪاڻو روڊ تي واهلنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڏوهارين جي وچ ۾ مقابلو ٿي گذريو

فائرنگ ڪري ڏني، پوليس جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

ٻن ضلعن مان گرفتار زخمي ٽيل ڏوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ جي ڇاڻ حاصل ڪئي پئي وجي :پوليس

گڙهي ياسين (رپورٽر) گڙهي ياسين لڳ پوليس ۽ ڏهارين ۾ مبينہ مقابلو هڪ ڏوهاري شديد زخمي حالت ۾ گرفتار، 5 ڇٽا فرار گڙهي ياسين ٽالي جي حد شڪارپور لاڙڪاڻو روڊ تاري واهه لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڏوهارين جي وچ ۾ مقابلو، هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار، 05 سالي فرار ٿاڻي ڪرن پوليس جا اهلڪار شڪارپور لاڙڪاڻو روڊ تاري واهه لنڪ روڊ تي گشت ڪري رهيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي ۽ سڪر ضلعي جي لکين ايڪڙ زمين آباد ڪندڙ گهوٽڪي فيڊر ۾ پاڻي جي ڪوٽ

ضلعي جي آس پاس جي درجنين واهن شاخن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ سبب آبادگارن کي نقصان

واري اڈامڻ لڳي پاڻي نه هجڻ ڪري سوين ايڪڙن تي بيٽل ڪمند، ووڙڻن سميت ٻيو فصل سڪڻ لڳو

فصل برباد ٿي رهيا آهن، جنهن سبب آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي: اڳواڻن جوڻ ڳالهيون

عادلپور (اسلم مهر) گهوٽڪي ۽ سڪر ضلعي جي لکين ايڪڙ زمين آباد ڪندڙ گهوٽڪي فيڊر مان نڪرندڙ قاضي واهه ۾ لڳا تاڻين پاڻي پهچي ناهي سگهيو، گهوٽڪي ضلعي جي آس پاس جي درجنين واهن شاخن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ قاضي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

عادلپور: قاضي واهه ۾ پاڻي ڪوٽ سبب واري اڈامي رهي آهي

نئون ديرو پريس ڪلب جي نائب صدر خليل الله منگڻيجو جي سالگره تقريب

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) نئون ديرو پريس ڪلب جي نائب صدر سينيئر صحافي خليل الله منگڻيجو جي سالگره تقريب شهيد راڻي محترمہ بينظير پٽو سٽيزن ڪلب نئون ديرو چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي لاڙڪاڻي ضلعي جي سينئر نائب صدر نثار محمد مراد پٽو پاران سنڊس جي رهائشگاه تي ملهائي رڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

عادلپور لڳ اڏڙوٽ جو گولي لڳل لاش هٿ، اطلاع تي پوليس پهچي رڻي

ڪوٽ ورند ۾ نوجوان غمن پٽ رحيم ڏنو جوزمين ۾ گولي لڳل لاش هٿ آيو

تعلقي جي ڊاڪٽرن طرفان لاش کي پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

عادلپور (رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور لڳ اڏڙوٽ جو گولي لڳل لاش هٿ اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي تعلقي اسپتال پهچايو ويو تنفسيل موجب عادلپور ٽائر حد ڳوٽ ڪوٽ ورند ۾ نوجوان غمن پٽ رحيم ڏنو جو زمين ۾ گولي لڳل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گمبٽ ۾ پرائيويٽ اسڪولس ايسوسيئيشن پاران انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

اسڪول گمبٽ ۾ امتحاني سينٽر جو ٽيڪو ڊيٽ خلاف احتجاجي ڏرٽو هنيو ويو، نعريبازي

هدايت الله شيخ، عبدالحڪيم چنو، عابد علي سيال، عبدالحميد جامڙو، الطاف پنڊ شريڪ ٿيا

گمبٽ (عبدالحي شيخ) : پرائيويٽ اسڪولس ايسوسيئيشن تعلقي گمبٽ پاران سڪر بورڊ جي پٽي معيار ۽ مبينہ ڳڙي رشوت عيوض پنهنجي من پسند مظهر ماڊل اسڪول گمبٽ ۾ امتحاني سينٽر جو ٽيڪو ڊيٽ خلاف احتجاجي ڏرٽو ۽ مطالبن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گمبٽ: خانگي اسڪول ايسوسيئيشن پاران سڪر بورڊ خلاف احتجاج ڪيو پيو رڄي

جي يو آءِ جي سينيٽر اڳواڻ مولانا عبيدالله ٻڌو جي اڳواڻي ۾ وفد پاران ملاقاتون

يوسي 16 ۾ جي يو آءِ اميدوار مولانا محمد صديق ڪلهوڙو ۽ ٻين سان ملاقات ڪئي

16 جي مختلف پولنگ اسٽيشنن تي قائم جي يو آءِ جي اليڪشن ڪيمپن جو دورو ڪيو

سڪر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ جي سينيئر اڳواڻ مولانا عبيدالله ٻڌو جي اڳواڻي ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي سلسلي ۾ يوسي 16 ۾ جي يو آءِ اميدوار مولانا محمد صديق ڪلهوڙو ۽ ٻين سان ملاقات ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد عبدالله شاه غازي گوٺ ۾ هٿياربندن پاران فائرنگ

محمد علي اڇڻ کان پنجيتاليہ هزار ڪيش ۽ هڪ ڪچ موبائيل فون ڦري ويو :پوليس

نوٽيس وٺي اسان کان ڦرتيل پئسا ۽ موبائل فونون واپس ڪرائي ڏنيون رجن: متاثرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد عبدالله شاه غازي گوٺ ۾ نامعلوم هٿيار بندن گهر جي دروازي ٻاهران بيل محمد علي اڇڻ کان پنجيتاليہ هزار ڪيش ۽ هڪ ڪچ موبائيل ۽ سندس گهر آيل مهمان منظر علي اڇڻ کان چار هزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مورو ۾ مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ نذير احمد ۽ بشير احمد سيال جي ايثال ثواب لاءِ ڪئمپ

بيمار پارڙن لاءِ ڊاڪٽر محمد صادق سيال جي طرفان رت جو عطيو ڏيڻ جي ڪئمپ لڳائي وئي

ڊاڪٽر محمد صادق سيال ڊاڪٽر غلام حيدر ڏاهري صحافي قاضي جاويد سنائي ۽ بيا اڳواڻ شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ۾ مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ مشهور تعليمي ماهر ۽ مهان شخصيت ساڻين نذير احمد سيال ۽ مرحوم بشير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نٿو: مهيشوري ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو رڄي

ڪنڊڪوٽ ميونسپل ڪميٽي وارڊ 2 ۾ به خالي ٽيل سيٽ تي چونڊ

اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي ۽ پنج آزاد اميدوارن سميت 6 اميدوارن حصو ورتو

ميونسيل ڪميٽي وارڊ 2 تي پيپلزپارٽي اميدوار اصغر ڪوسو 1382 ڪٽي ڪامياب

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ ميونسپل ڪميٽي وارڊ 2 ۾ به خالي ٽيل سيٽ تي چونڊ عمل اڄ صبح جو اٽين وڳي کان شروع ٿي جيڪو ويو جنهن ۾ پنج آزاد اميدوارن سميت 6 اميدوارن حصو ورتو جنهن ۾ تيغائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شهدادڪوٽ ۾ وڌندڙ ڪريشن مهانگائي بدامني ۽ بيروزگاري خلاف احتجاج

ڊاڪٽر امتياز شيخ، عبدالسلام، عبدالرشيد مگسي، عبدالعزيز ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪارڊ بينر کڻي ريلي ڪيو ۽ مرڪزي شاهراهه تي پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيو

شهدادڪوٽ (ڊ ر) ملڪ ۾ وڌندڙ ڪريشن مهانگائي بدامني ۽ بيروزگاري خلاف جماعت اسلامي ڪارڪنن جو احتجاج. جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ضلعي اڳواڻ ڊاڪٽر امتياز شيخ، عبدالسلام، عبدالرشيد مگسي، عبدالعزيز ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شهدادڪوٽ: بدامني ۽ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاج ڪيو پيو رڄي

سڪر جي پرياسي واري ڳوٺ ڪراڻو واسي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

عبدالله مهتر ڊاڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف سڪر پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

صحت کاتي اختيارن کان متين ڊاڪٽرن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا: اڳواڻ

سڪر (بيورو رپورٽ) سڪر جي پرياسي واري ڳوٺ ڪراڻو واسي رهواسي عبدالله مهتر ڊاڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ خانپور مهر جي ڊاڪٽر حاڪم علي ۽ ڪراڻو جي واجد علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌ ملاح فورم ۽ اميرالبحر گهارو پاران شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر خلاف احتجاج

معصوم نينگر اصغر ملاح جي فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف گهارو شهر ۾ احتجاج ڪيو

ڏاڏا محمد آدم گندرو، آڪاش ملاح، علي حسن ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي شريڪ

ٽنڊو جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ملاح فورم ۽ اميرالبحر گهارو پاران شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر ميرپورساڪرو ۾ معصوم نينگر اصغر ملاح جي فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف گهارو شهر ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو ملاح اڳواڻ ڏاڏا محمد آدم گندرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ سول سرجن خادم علي مگريو پاران موڪل واري ڏينهن به دورو

موڪل واري ڏينهن به سول اسپتال جي مختلف واردن جو اچانڪ دورو ڪري جائزو ورتو

اڇ جي پيٽ ۾ هن وقت اسپتال اندر ڪوڙ سهولتون موجود آهن: خادم علي مگريو جوڻ ڳالهيون

نوشهروفيروز (ڊ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران موڪل واري ڏينهن به سول اسپتال جي مختلف واردن جو اچانڪ دورو ڪري ملازمن جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي ستراڻي ۽ جو جائزو ورتو وران موقعي تي سول سرجن ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو مختلف واردن جو دورو ڪري رهيو آهي

ڏيپٽي ڪمشنر نٿو پاران اسسٽنٽ ڪمشنرسان گڏ اتهائي حساس پولنگ اسٽيشن جو دورو

ٻيٽ مهر جي مختلف پولنگ اسٽيشنز جو اوچتو دورو ڪري هلندڙ پولنگ جي عمل جو جائزو ورتو

عمل کي انتهائي صاف، شفاف، غيرجانبداراڻ ۽ منصفاڻي طريقي سان پايہ تڪميل تائين پهچايو ويو

نٿو هميشہ پرامن ضلعو رهيو آهي ۽ ايجا ڪٿان به ڪنهن به اٽوٽنڊڙ واقعي جا اطلاع موصول نہ ٿيا آهن

نٿو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ڪمشنر نٽر غلام فاروق سومرو آسسٽنٽ ڪمشنر ، واسطيدار عملدارن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اداري سان گڏ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن ڏاڀيچي ، بيٻٽ مهر جي مختلف پولنگ اسٽنز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نٿو: ڊي سي غلام فاروق سومرو مختلف پولنگ اسٽيشنز جو دورو ڪري رهيو آهي

ميرواه ڪنڀل مان نڪرندڙ شاهنواز واه آبپاشي ڪاتي جي آفيسرن واه تي مقرر عملي کي مناطعي تي ڊيٽي چڊيريجوي ۽ پاڻي بهڃڻ محال ٽي ويريجڙي جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر پيل رونٽن جوئر جي پرکي ن ٽي سکهي منڊ جي ٻاثر آبادگارن پاران گنڊاونجين پائيپ ۽ جهتا هٽي مچي جا تلاءِ کيلا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌ سوشل سيڪيورٽي جي پيپلز اسٽاف يونين پارن لاڊي اسپتال ۾ تاريخي جلسو

هائوس رينٽ ۾ 50 سيڪڙو، ڪنوينس الائونس ۾ 50 سيڪڙو، چلڊرين الائونس ۾ واڌ جو مطالبو

پيپلز اسٽاف يونين بنا فرق جي ڪم ڪيو آهي مخالف صرف رڙيون ڪرڻ ۾ پورا آهن: نويد ملڪ

راڻا خان تانوري، فدا ڪوسو، علي مراد منگي ۽ اي جي پي ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سوشل سيڪيورٽي جي پيپلز اسٽاف يونين (سي بي اي) 10 مئي تي اداري ۾ ٽيندڙ ريفرنڈم جي حوالي سان سالن ڪا التوا ۾ پيل چارٽر آف ڊمانڊ جو آرڊر ڪيو، اداري جي ڪراچي ۾ قائم سڀ کان وڏا لائيڊي اسپتال ۾ تاريخي جلسو ڪري ان ۾ پيش ڪري

محراب پور جي مزاحمتي ڪردار ڪامريڊ مجاهد بدر الدين سومرو جي ورسي تقريب

محراب پور جي عظيم، نرالي مزاحمتي ڪردار ڪامريڊ مجاهد بدر الدين سومرو کي پيٽا پيش

ڊي اي او تعليم خيرپور سائين عبدالسميع پنيرو، نوجوان سماجي اڳواڻ يونس پٽي ۽ بيا شريڪ ٿيا

پروگرام ۾ سينئر صحافي شبير شاڪر انبالوي، اطهر جوڪيو، خالد گهانگهرو، دودل خان نوچهوٽو شرڪت ڪئي

محراب پور (مجاهد علي سامتيو) محراب پور جي مزاحمتي ڪردار ڪامريڊ مجاهد بدر الدين سومرو جي ورسي تقريب.. محراب پور: سجل ڪميونٽي ڊولپمينٽ تعلقي محراب پور جي زير اهتمام محراب پور جي عظيم، نرالي مزاحمتي ڪردار ڪامريڊ مجاهد بدر الدين سومرو جي ورسي تقريب پبلڪ لائبريري محراب پور ۾ ملهائي رڻي، تقريب جي ميزباني جا فرائض استاد اڪبر خواجا ادا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

محراب پور: ڪامريڊ مجاهد بدر الدين سومرو جي ورسي ملهائي پٽي وجي

سيڙارجا پرسان ڳوٺائي مٿان بااثرن جو حملو، سخت تشدد، لٽين جو وسڪارو

سيڙارجا (رپورٽر) سيڙارجا پرسان ڳوٺائي مٿان بااثرن جو حملو، سخت تشدد، لٽين ۽ سروٽن جو آزادانہ استعمال، متاثر ڪي سيڙارجا پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان نب جواب ڏئي چڏيو ، متاثرن نوجوان جي پيرسن امڙ جون آهون ۽ دانهون، جوابدارن 6 مهينا اڳ منهنجو هڪ پٽ نظير احمد جهيڙي ۾ ماري چڏيو هائي پيهر ٻئي پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو ۾ بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي جي چونڊ، 16 پولنگ استيشنز قائم

ضلعي ۾ 22493 ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا: ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر

پولنگ واري ڏينهن 144 قلم پڻ لاڳو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ 566 پوليس جي نفري مقرر ڪئي وئي

ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي، پيپلز پارٽي، پي ٽي آءِ، شهيد پٽوجا اميدوار آمهون سامهون بينل آهن

دادو (رپورٽر:عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي جي گذرڻ بعد خالي ٽيل سيٽن تي ڏنگل ٽيندر چونڊ عمل جاري دادو ضلعي جي 2 يونين ڪائونسلن ۽ هڪ وارڊ ميونسپل ڪميٽي دادو تي چونڊ ٽيندي جن يونين ڪائونسلن ۽ چونڊجن ٽيندڙن انهن ۾ يونين ڪائونسل سنڌي ٻٽوا، يونين ڪائونسل پٽ گل محمد ۽ دادو ميونسپل ڪميٽي جي وارڊ 20 تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

سومر 08 اپريل 2023ع

ها ، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي

روشن روايتن، اعليٰ قدرن واري ديس ۾ سڪ، امن ۽ آشتيءَ جي ساٿيهه واري سڃاڻپ سان تاريخ جي صفحن ۾ ساهه کڻندڙ سنڌ هن وقت 'روانداءُ' جي راهن تي هلي پئي آهي. بدامنيءَ جو خوني راکاس روز حياتيون ڇڙکائيندو وڃي. نه قانون ان آڏو رکاوٽ بڻجي ٿو ۽ نه ئي وري منتظمين عوام جي تحفظ واري آئيني ذميواري پوري کڻڻ لاءِ تيار آهن. قانون جو فولادي هٿ مفلوج بڻجي ڇڪو آهي. قانون جي عملداري نه هجڻ جي ڪري ماڻهن مان قانون جو خوف ختم ٿي ڇڪو آهي، انصاف جو سرشتو ويساهه وڃائي ويٺو آهي، جنهن ڪري ماڻهو پنهنجا فيصلا پاڻ کڻڻ لڳا آهن. امن امان منتظمين جي اولويت ۾ ترجيح ئي پري جي ڳالهه، انتظامي ايجنڊا جو حصو ئي نظر نه پيو اچي. امن امان ۽ گورننس جي حوالي سان ڪوتاهين جي نشاندهي سنڌ جي منتظمين جي چڙ بڻيل آهي ۽ جڏهن به حڪمرانن کي پنهنجا منصبي فرض ياد ڏيارجن ٿا ته، چيو وڃي ٿو ته 'جمهوريت' خلاف سازش ڪئي پئي وڃي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ امن امان جي ذميواري نظرانداز ٿيل آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته لاڙڪاڻي ۽ ٽن پائرن سميت سرِ عام پنجن ماڻهن جو قتل نه ٿئي ها ۽ نه ئي وري ڪچي ۾ ڪارروايون ڪندڙ ڏاڙيلن کي قانون طرفان ڪلي ڇوٽ مليل هجي ها.

سنڌيءَ جي هڪ چوٽي آهي ته "سنڌ گدڙن ناهي کاڌي"، جيڪا ڳالهه سئو سيڪڙو سچ آهي. جنهن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش نه آهي. گدڙن ويڇارن جي ڪهڙي مجال. جو اهي سنڌ کي ڪائين! سنڌ ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي، جو درندگيءَ جا ڪي وڏا واقعا نه ٿيندا هجن. معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪري اجتماعي زيادتيءَ جو نشانو نه بڻايو ويندو هجي! ها، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي، سنڌ کي بدامني کائي وئي آهي.

روز ڪئين جنازا ٿا کڄن، رت جا واهڙ ٿا وهن، نياڻين تي ڪارنهن جي تهمت هٽي انهن کي ڪُنو وڃي ٿو. ڏاڙيل ڪيترن ئي ضلعن ۾ عام مختيار بٽيل آهن، ماڻهن کي پُنگ خاطر بنان ڪنهن روڪ ۽ رندڪ جي اغوا ڪري رهيا آهن. تشدد ڪري انهن جون وڊيوز وائرل ڪري رهيا آهن. معصوم مغوي جعفر پُٽي به ڏيڍ مهيني کان اغواڪارن جي گرفت ۾ آهي. اهي ڪير آهن، جيڪي پوليس کان بنا رڪاوٽ ۽ تياريءَ جي آپريشن ڪرائي ڏاڙيلن کي برتري ڏياري پوليس جا حوصلا پست ڪري رهيا آهن؟ ها، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي، سنڌ کي بدانتظامي کائي وئي آهي.

سنڌ ۾ قبيلاڻي دهشتگردي عروج تي آهي. ان چوٽيءَ تي عمل ٿي رهيو آهي ته، پلاڙ پراڻا ناهن ٿيندا. جيڪا چوٽي صوفين ۽ سنتن جي سرزمين سنڌ تي زوريءَ مڙهيل ٿي ڏسجي. اهو سنڌ جو خمير ناهي، پر اها حقيقت آهي ته سنڌ هن وقت دورِ جاهليت واري عرب جهڙي سڃاڻپ اختيار ڪندي وڃي. هتي ڪئين پيڑهين تائين دشمنيون پاليون پيون وڃن. هُشي ۽ هٿيارن جي آڪسيجن تي پرائين دشمنين ۽ خوني تڪرارن کي زنده رکيو پيو وڃي. ڪئين قاتل تولا وسندين تي، شهرن ۾ ۽ شاهراهن تي، وچ شهر ۽ سهائي سج جي روشنيءَ ۾ هلان ڪري ماڻهو ماري هليا ٿا وڃن پر کو به روڪڻ وارو ڪونهي. ها، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي، سنڌ کي اقتدار جي جوا جو داءُ ڪائي ويو آهي.

سنڌ ۾ عدالتي پابنديءَ باوجود جرڳا پيا ٿين. توهين عدالت جو ڪُلهي عام ارتکاب پيو ٿئي. جرڳائي پوتارن ڏوهه کي معيشت بڻائي ورتو آهي. قانون انهن جي درجي ٻانهُن ٻڌي ٻانهي بٽيل آهي. ان ڳالهه کان انڪار ڪونهي ته سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ قانون جي بالادستي آهي، ها پر اهو رياستي قانون نه. جرڳائي پوتارن جو 'قانون' آهي. ها، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي، سنڌ کي پوتارڪا بکهڙ کائي ويا آهن.

ها، سنڌ گدڙن ناهي کاڌي، سنڌ صرف ان ڪري اهڙي حالت تي پهتي آهي، جو هتي قانون جي عملداري ناهي. ڏارين جي فتور جي فيڪٽرين ۾ تيار ٿيل متامي پرادڪٽ ان جو ذميوار آهي. ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ اها "اشرافيا" قانون کان ڏاڍي آهي. جرڳائي پوتارن رياست اندر رياست جوڙي ورتي آهي. انهن جي حمايت اختيار ۽ اقتدار جي مرڪز مان نه ٿي رهي آهي ته پوءِ ڪٿان ٿي رهي آهي؟ سنڌ کي بچائڻ جي ضرورت آهي. اعليٰ قدرن ۽ روايتن کي بچائڻ جي ضرورت آهي، جيڪي سنڌ جي سڃاڻپ آهن.

بقايا 01 ***

معاشري ۾ عدم برداشت ۽ تشدد پيدا ڪري رهي آهي. ملڪ کي اوهان جهڙا فتنا ۽ فساد نه پر ماني، روزگار ۽ ڪاروبار گهرجي. ملڪ ۾ انتهاپسندانه روين جو سبب به اوهان آهيو اوهان جي ڪري ٿي اڄ هجوم هٿان ماڻهن جو قتل ٿي رهيو آهي. ڪڏهن پارت، ڪڏهن ڪشمير، ڪڏهن اسلام آباد تي ڪنڊڙ سياست ڪندا آهيو مريم اورنگزيب چيو ته پرڏيهي ايجنٽ انتشار جو سڌ صرف چين جي پرڏيهي وزير ڪي ڊسي ڏني سي پيڪ تي ڪر تيز ٿيندي ٿي پرڏيهي ايجنٽ ڪي چريو ٽيٽ جو دورو پٽجي ويو. پرڏيهي وزارت جو ڪامياب دورو پارت ۽ پارتي پرڏيهي وزير جي جواب کان پوءِ عمران خان مڪمل چريو ٿي ويو آهي. حڪومتي ترجمان عمران خان کي تنقيد جو نشانو بنائيندي وڌيڪ چيو ته. وزيراعظر شهباز شريف برطانوي بادشاه سميت عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري رهيو آهي. شهباز شريف جا ڪري رهيو آهي ها تون نٿو ڊسي سگهين چوته تو مفتي تي ڪاري بالتي رکي چڏي آهي.

بقايا 02 ***

نوازشريف سان جوڙڻ ٿي سگهي ٿو نوازشريف جي لنڊن آفيس جي ترجمان خرم بٽ پوليس کي خدشو ڪان اڳاهه ڪري چڏيو آهي. خرم بٽ چيو آهي ته نوازشريف جي نالي رجسٽرڊ گاڏيون دهشتگردي ۽ ڏوڪڙڏيءَ ۾ استعمال ٿي سگهن ٿيون. گاڏين جي تفصيل لاڳاپيل ڪاميو دي وي ايل اي ايون فيلڊ ڏانهن اماڻيو. مارچ مهيني ۾ نوازشريف جي آفيس طرفان دي وي ايل اي ڪي فراڊ ڪان اڳاهه ڪيو ويو هو خرم بٽ موجب اپريل 2023 ۾ هڪ ٻئي گاڏي نوازشريف جي نالي تي رجسٽرڊ ٿي. نوازشريف جي نالي تي ٻه ڪار ۽ هڪ موٽر سائيڪل ڪنهن به تعريف ڪئي ڪڏهن به ڪنهن به ڪنهن به ڪن

47 سنڈیلر ۱۹۷

ہر اتوار وزیر کوٹلی ملتانی سنڈیلر میں عمل

سنڈیلر کے مکینوں نے کہا ہے کہ ان کے علاقے میں گزشتہ کئی ماہ سے گیس کا پریشر انتہائی کم ہے جس کی وجہ سے چولہے جلانا مشکل ہو گیا ہے۔ مقامی لوگوں نے محکمہ گیس سے مطالبہ کیا ہے کہ اس مسئلے کو فوری طور پر حل کیا جائے۔ ان کا کہنا ہے کہ اگر جلد کوئی کارروائی نہ کی گئی تو وہ احتجاج پر مجبور ہوں گے۔

43 سنڈیلر ۱۹۳

بورڈ کی ۱۸ فروری کو ہونے والی میٹنگ میں فیصلہ کیا گیا کہ ۱۰ مارچ سے ۱۵ مارچ تک ہر روز صبح ۸ بجے سے ۵ بجے تک ٹیکہ لگایا جائے گا۔ اس مہم کے دوران 5 سال سے کم عمر کے 12 ہزار 400 بچوں کو ٹیکہ لگایا جائے گا۔ ٹیکہ لگانے کے لیے 120 ٹیمیں تشکیل دی گئی ہیں۔ ہر ٹیم میں ایک ڈاکٹر، ایک نرس اور ایک ویکسینیٹر شامل ہوگا۔

41 سنڈیلر ۱۹۱

ضلع کونسل سنڈیلر کے اجلاس میں ۲۰۲۳ء کے لیے 4 ارب 12 کروڑ روپے کا بجٹ منظور کر لیا گیا۔ اجلاس کی صدارت چیئرمین ضلع کونسل سنڈیلر نے کی۔ بجٹ میں تعلیم کے لیے 1 ارب 20 کروڑ روپے، صحت کے لیے 85 کروڑ روپے اور زراعت کے لیے 60 کروڑ روپے مختص کیے گئے ہیں۔ اجلاس میں 42 ارکان نے شرکت کی۔

39 سنڈیلر ۱۸۹

محکمہ زراعت توسیع سنڈیلر کے زیر اہتمام ضلع کونسل ہال میں ایک روزہ تربیتی ورکشاپ برائے کپاس کاشت کاران منعقد ہوئی۔ ورکشاپ میں 120 کاشت کاروں نے شرکت کی۔ ورکشاپ میں بتایا گیا کہ کپاس کی فصل کو سفید مکھی اور گلابی سنڈی سے بچانے کے لیے فیرومون ٹریپس اور حیاتیاتی طریقے زیادہ مؤثر ہیں۔ ورکشاپ کے بعد شرکاء میں مفت ٹریپس تقسیم کیے گئے۔

37 سنڈیلر ۱۸۷

ڈسٹرکٹ ہیڈکوارٹر ہسپتال سنڈیلر کے ایمرجنسی وارڈ میں ہفتہ کی صبح ایک ٹریفک حادثے میں زخمی ہونے والے 6 افراد کو طبی امداد کے لیے لایا گیا۔ ان میں سے 4 کی حالت تشویشناک بتائی جاتی ہے۔ ایمرجنسی میڈیکل آفیسر ڈاکٹر فرحانہ ملک نے بتایا کہ زخمیوں کو سر اور سینے پر شدید چوٹیں آئی ہیں۔ ان کے مطابق 2 مریضوں کو آپریشن تھیٹر منتقل کیا گیا ہے۔

35 سنڈیلر ۱۸۵

ٹھٹھہ اس کو شیر پر ہلاک ہوئی تھی۔ اس کے بعد سے علاقے میں خوف و ہراس پھیلا ہوا تھا۔ محکمہ جنگلی حیات کے ترجمان کے مطابق شکار کی اجازت صرف ان افراد کو دی جائے گی جن کے مویشی یا فصلیں شیر کے حملے سے متاثر ہوئی ہیں۔ اس کے لیے متاثرہ افراد کو پہلے محکمہ سے این او سی حاصل کرنا ہوگا۔

33 سنڈیلر ۱۸۳

ڈسٹرکٹ ہیڈکوارٹر ہسپتال سنڈیلر کے ایمرجنسی وارڈ میں ہفتہ کی صبح ایک ٹریفک حادثے میں زخمی ہونے والے 6 افراد کو طبی امداد کے لیے لایا گیا۔ ان میں سے 4 کی حالت تشویشناک بتائی جاتی ہے۔ ایمرجنسی میڈیکل آفیسر ڈاکٹر فرحانہ ملک نے بتایا کہ زخمیوں کو سر اور سینے پر شدید چوٹیں آئی ہیں۔ ان کے مطابق 2 مریضوں کو آپریشن تھیٹر منتقل کیا گیا ہے۔

31 سنڈیلر ۱۸۱

اعجاز ملک، علی حسن ملک، عبدالغفور ملک، محمد یونس ملک، شبیر احمد ملک، نذیر احمد ملک، فضل کریم ملک، عبدالستار ملک، محمد اسلم ملک، محمد یعقوب ملک، محمد ادریس ملک، محمد ابراہیم ملک، محمد اسحاق ملک، محمد داؤد ملک، محمد سلیمان ملک، محمد عیسیٰ ملک، محمد زکریا ملک، محمد یحییٰ ملک، محمد شعیب ملک، محمد طارق ملک، محمد فاروق ملک، محمد نعیم ملک، محمد رفیق ملک، محمد صادق ملک، محمد امین ملک، محمد حنیف ملک، محمد لطیف ملک، محمد منیر ملک، محمد وسیم ملک، محمد عمران ملک، محمد کامران ملک، محمد فیصل ملک، محمد عادل ملک، محمد جاوید ملک، محمد ناصر ملک، محمد شاہد ملک، محمد وقار ملک، محمد ارشد ملک، محمد اکرم ملک، محمد انور ملک، محمد ایوب ملک، محمد یوسف